REG NO. 3833
ABC Certified
روزاني
# سنڌيار
سکر
ايڈيٽر: اعجاز مهر
www.dailysindhyar.com
sindhyarskr@gmail.com
(جلد 02) سومر 18 ڊسمبر 2023ع بمطابق 04 جمادي الثاني 1445ھ (قيمت 05 روپيا) شمارو 202

# چونڊون 2024: ريٽرننگ آفيسرن جي تربيت جو عمل ٻيهر شروع، ملازمن جي موڪلن تي پابندي لاڳو

الیکشن کمیشن آف پاکستان جي نگراني هيٺ اهو تربيتي سيشن ڪوئٽہ، لورالائي، سبي ۽ خضدار ۾ منعقد ڪيا ويا. ڪوئٹہ ۾ آر اوز جي تربيت جو عمل مقامي هوٽل ۾ شروع ٿيو: ترجمان الیکشن کمیشن

تربيتي سيشنز ۾ قومي، صوبائي تڪن جا آر اوز حصو وٺي رهيا آهن. ريٽرننگ آفيسرن جي تربيت جو عمل سياڻي به جاري رهندو، آر اوز کان پوءِ اگاري ٽي ڊي آر اوز جي هڪ جي ٽريننگ ٽينڊي جيڪا 19 ڊسمبر تائين جاري رهندي

ووٽرن جي داخلا تبديلي ۽ درستگي تي پابندي لاڳو ڪئي وئي آهي. الیکشن کمیشن جي آفيسرن، ملازمن ۽ ريٽرننگ آفيسرن جي موڪلن تي بہ پابندي لڳائي وئي آهي

حڪومتي ۽ سرڪاري ادارن ۾ هر قسم جي ٽرانسفر، پوسٽنگ تي مڪمل پابندي لڳائي وئي آهي ڪنهن بہ ايمرجنسي ٽرانسفر يا پوسٽنگ جي لاءِ معاملو الیکشن کمیشن ڏانهن اماڻيو ويندو: نوٽيفڪيشن جو متن

ڊي سي اسلام آباد تعليمي ادارن ۾ استاف جي موڪلن تي پابندي لڳائي ڇڏي، عام چونڊن تائين ڪنهن بہ سرڪاري ملازم کي موڪل جي اجازت نہ هوندي : ڊي سي اسلام آباد

اسلام آباد(م ڊ) ايندڙ عام چونڊن جي لاءِ بلوچستان ۾ ريٽرننگ آفيسرن(آر اوز) ۽ ڊسٽرڪٽ ريٽرننگ آفيسرن(ڊي آر اوز) جي تربيت جي شروعات ٿي وئي آهي. الیکشن ڪميشنر جي ترجمان موجب الیکشن کمیشن آف پاڪستان جي نگراني هيٺ اهو تربيتي سيشن ڪوئٹہ، لورالائي، سبي ۽ خضدار ۾ منعقد ڪيا ويا. ڪوئٹہ ۾ آر اوز جي تربيت جو عمل مقامي هوٽل ۾ شروع

# پ پ طرفان تحريڪ انصاف سان چونڊ اتحاد نہ ڪرڻ جو فيصلو

پ پ جي شريڪ چيئرمين آصف علي زرداري جي گورنر هائوس ۾ خيبر پختونخواهہ جي گورنر غلام علي سان ملاقات ٿي

ملاقات ۾ پ پ جو وفد ۽ جي يو آءِ (ف) جا آڳواڻ بہ موجود هئا، ملاقات ۾ صوبي جي سياسي معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

گذريل ڏينهن آصف زرداري سان پ پ جي ٽڪيٽ هولڊرن ملاقات ڪئي، ملاقات ۾ چونڊن جي حوالي سان ڳالهہ ٻولهہ ڪئي وئي : پ پ خيبر پختونخواهہ جو جنرل سيڪريٽري ملڪ محمد سعيد

آصف زرداريءَ جي ڪي پي جي گورنر غلام علي سان بہ ملاقات، ٻنهي آڳواڻن جي ملاقات ۾ پيپلز پارٽي جا صوبائي آڳواڻ بہ موجود هئا

ملاقات ۾ آڳوٺي صدر پارٽي آڳواڻن کي پي ٽي آءِ سان چونڊ اتحاد نہ ڪرڻ جي هدايت ڪندي واضح ڪيو تہ پين جماعتن سان اتحاد جو فيصلو صوبائي قيادت ڪندي

پين پارٽين سان اتحاد جو فيصلو صوبائي قيادت ڪندي هن پارٽي آڳواڻن کي اختلاف جلد کان جلد ختم ڪرڻ جون بہ هدايتون ڏنيون آهن : آصف علي زرداري

پشاور (م ڊ) پ پ خيبر پختونخواهہ جي صدر شاهد خٽڪ، جنهن ۾ پ پ جي شريڪ چيئرمين آصف علي زرداري جي گورنر هائوس ۾ خيبر پختونخواهہ جي گورنر غلام علي سان ملاقات ٿي، جنهن ۾ پ پ جو وفد ۽ جي يو آءِ (ف) جا آڳواڻ بہ موجود هئا.

# پنجاب جو آڳوٽو گورنر ۽ سينيئر قانوندان لطيف کوسہ پاڪستان تحريڪ انصاف ۾ شامل

خوشي جو سفر ڪرڻ لاءِ اهو قدم کنيو آهي. رياست ماءُ هوندي آهي : لطيف کوسہ

اڄ نہ چادر، چاردیواري جو تحفظ آهي نہ ئي جان مال جو مان اڄ نفرتن کي ختم ڪري هڪ نئين سفر جي دعوت ڏيان ٿو

مون کي لفٽ ۾ ڪلاڪن جا ڪلاڪ بند رکيو ويو پر سچ کي سچ چوٽو آهي ڊڄڻ جي ضرورت نہ آهي

لاهور(م ڊ) پنجاب جي آڳوٽي گورنر، پاڪستان پيپلز پارٽي جي آڳوٽي آڳواڻ ۽ ماهر قانوندان سردار لطيف کوسہ پاڪستان تحريڪ انصاف ۾ شموليت اختيار ڪري ورتي آهي لاهور ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي سردار لطيف کوسہ چيو تہ اڄ خوشي جو سفر ڪرڻ لاءِ اهو قدم کنيو آهي، رياست ماءُ هوندي آهي، اڄ نہ چادر، چاردیواري جو تحفظ آهي نہ ئي جان مال جو مان اڄ نفرتن کي ختم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

لاهور: پيپلز پارٽي آڳواڻ ۽ ماهر قانوندان سردار لطيف کوسہ پي ٽي آءِ ۾ شامل ٿيڻ بعد ميڊيا سان ڳالهائيندي

# آسٽريليا پهرين ٽيسٽ ۾ پاڪستان کي 360 رنسن تان شڪست ڏئي ڇڏي

پرٿ (م ڊ) پرٿ ۾ ٿيندڙ پاڪستان ۽ آسٽريليا وچ ۾ ٿيل پهرين ٽيسٽ ميچ ۾ آسٽريليا پاڪستان کي 360 رنسن تان شڪست ڏئي ڇڏي. ٽيسٽ ميچ جي چوٿين ڏينهن پئي سيشن ۾ آسٽريليا پنهنجي پهرئين انڪز 233 رنسون 5 راندگرن جي آئوٽ ٽيڪ ٽي ڊڪليئر ڪئي. جواب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

# پيٽروليم شين جون قيمتون گهٽ ٽيڪ باوجود ياڄيون مهانگي اگهن تي وڪرو ٽيڪ لڳيون

پيٽرولم شيون ۽ ڊالر جي قيمتن ۾ لاڙ جو عام ماڻهن کي ڪهڙو فائدو پهچي ٿو : شهري

صوف 150 کان 300 روپيه ڪلو ملايا تہ ڏاڙهون 350 روپيه ڪلو ۽ انگور 200 کان 350 روپيه ڪلو ۾ وڪرو

لاهور(م ڊ) پيٽرولير شين جي قيمتن ۾ نمايان لاڙ جي باوجود شهرين لاءِ روزاني جي عام واهپي وارين شين جي قيمتن ۾ گهٽتائي نہ آڻي سگهي اهي. تفصيل موجب مهانگائي جو جن بوتل مان نہ نڪتو آهي پر واپس وڃڻ جو نالو ئي نہ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

# پي ٽي آءِ جو بانيءَ جنرل فيض جي مدد ڪندو هو: پرويز خٽڪ

جيڪڏهن ڪو توهان وٽ اچي ۽ توهان ان جي ڳالهہ نہ ٻڌي تہ نتيجو توهان جي سامهون آهي

توهان هر وقت پنهنجي خدمت ٽٽا ڪري سگهو. توهان کي ڪجهہ ٻڌڻو پوندو

فيصلا هڪ طرفا نہ ٿيندا آهن، خان صاحب پنهنجي مرضي سان ڪندو هو ڪنهن جي راءِ نہ ونڊندو هو

پشاور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪستان تحريڪ انصاف پارليامينٽرينز(پي ٽي آءِ) جي سربراهہ پرويز خٽڪ چيو آهي تہ پي ٽي آءِ جي باني جا جنرل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

پشاور: تحريڪ انصاف پارليامينٽرينز(پي ٽي آءِ) سربراهہ پرويز خٽڪ ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

# ن) ليگ پنجاب ۾ ق) ليگ کان سواءِ ڪنهن سان بہ چونڊ اتحاد نہ ڪندي: جاويد لطيف

نظريو ڪمزور ٿي وڃي تہ ملڪ قائم نہ رهندو آهي، دهشتگردي سرحد پار کان ٿئي يا رياست جي اندر ٻئي ڏوهہ آهن

پين صوبن ۾ سياسي اتحاد ڪري سگهون ٿا، چونڊن ۾ ديرسان رياست ۽ سياست ۾ ن) ليگ کي نقصان پهتو هو

سپريم ڪورٽ وقت تي فيصلو ڪري قوم ۽ ملڪ کي بچائي ورتو : شيخوپوره ۾ پريس ڪانفرنس

شيخوپوره (م ڊ) پاڪستان مسلم ليگ(ن) جي آڳواڻ ميان جاويد لطيف چيو آهي تہ مسلم ليگ ن) پنجاب ۾ مسلم ليگ(ق) کان سواءِ ڪنهن بہ ٻئي پارٽي سان چونڊ اتحاد نہ ڪندي. شيخوپوره ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ميان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

شيخوپوره: مسلم ليگ(ن) جي آڳواڻ ميان جاويد لطيف پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

# ايئرپورٽ تي ججن ۽ سندن زالن جي تلاشي نہ وٺڻ جو حڪم

12 آڪٽوبر تي انهن ماڻهن جي ڳولا کان استثنيٰ جا وارنٽ جاري ڪيا ويا هئا

سپريم ڪورٽ جي هدايت تي سيڪريٽري ايوي ايشن کي سرج آرڊر جاري ڪري ڇڏيو

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) چيف جسٽس سميت حاضر سروس ججن ۽ سندن سالين جي ملڪ جي ايئرپورٽس تي تلاشي نہ ورتي ويندي. 12 آڪٽوبر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

# آءِ ايم ايف پاڪستان ۾ پگهارن تي ٽيڪس لڳائڻ جي تردید ڪري ڇڏي

پگهارن تي ٽيڪس لڳائڻ جو ڪوبہ ارادو نہ آهي: آءِ ايم ايف

پيٽروليم ليوي جي حد وڌائڻ جو ڪوبہ مطالبو نہ ڪيو آهي

اسلام آباد(م ڊ) آءِ ايم ايف پاڪستان ۾ پگهارن تي ٽيڪس لڳائڻ جي تردید ڪري ڇڏي آهي. خانگي تي وي موجب آءِ ايم ايف جي نمائندي چيو آهي تہ پگهارن تي ٽيڪس ۾ اضافي جي مطالبي جو ڪوبہ ارادو نہ آهي. آءِ ايم ايف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

# تفريحي جاين کي آئوٽ سورس ڪرڻ سان حڪومت تي بوجھہ نہ پوندو: ارشد ولي

سنڌ ٽوئرزم ڊپارٽمينٽ جي 4 پراپرٽيز کي آئوٽ سورس ڪيو وڃي

سنڌ جي سياحت ۽ ماحوليات واري نگران وزير جي صدارت هيٺ اجلاس ۾ پي پي پاليسي بورڊ ۾ فيصلو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي سياحت ۽ ماحوليات واري نگران وزير ارشد ولي محمد جي صدارت

# لياري ٽائرن ۾ پهريون فري ميگا ميڈيڪل ڪيمپ جو اهتمام

پهريان فري ميگا ميڈيڪل ڪيمپ ۾ مختلف طبي سهولتون فراهر ڪيون ويندیون

11 يونين ڪائونسلن ۾ چنڊواري ڏينهن 11 فري ميڈيڪل ڪيمپ لڳايون ويندیون

ڪراچي (رپورٽر) سيلاني ويلفيئر انٽرنيشنل ٽرسٹ جي سهڪار سان پوليو پروگرام ڏيڻي ڪشنر سائرٹ ۽ انجمن مسلم آزاد جي اشتراڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

ڪراچي: نگران صوبائي وزير محمد يونس وڳاڻ ڊجيٽيلائيزيشن ۽ آن لائن فيسٽيليشن سينٽر جو افتتاح ڪري رهيو آهي

# اسلام آباد ۾ سرڪاري ملازمن جي موڪلن تي پابندي هٽي ڇڏي

ڊي سي تعليمي ادارن ۾ استاف جي موڪلن تي پابندي هٽي ڇڏي

ڊي جي فيڊرل ڊائريڪٽوريٽ آف ايجوڪيشن کي خط لکيو ويو

اسلام آباد (م ڊ) سرڪاري ملازمن لاءِ ٻري خبر آهي تہ اسلام آباد ۾ انهن جي موڪلن تي پابندي لاڳو ڪئي وئي آهي. اسلام آباد ۾ سرڪاري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

# پنجاب ۾ ڊينگي جا وڌيڪ 18 ڪيس ظاهر

لاهور ۾ ڊينگي جا 10، گوجرانوالا ۾ 2 ۽ فيصل آباد ۾ 2 ڪيس رپورٹ ٿيا

ملتان، شيخوپوره، اوڪاڙه ۽ نارووال ۾ ڊينگي جو هڪ هڪ ڪيس سامهون آيو آهي : صحت ڪاتو

لاهور(م ڊ)پنجاب ۾ 24 ڪلاڪن دوران ڊينگي جا وڌيڪ 18 ڪيس سامهون آيا آهن. صحت ڪاتو موجب پنجاب ۾ هلندڙ سال ڊينگي جا 15 هزار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

# مهانگي پرمٽ حاصل ڪندڙ آمريڪي شهري پاران مارخور جو شڪار

آمريڪي شهري ڊيرن جيمز مل مين پرمٽ حاصل ڪرڻ بعد چترال ۾ مارخور جو شڪار ڪيو

شڪاري ۽ مارخور جي شڪار جي پرمٽ 2 لک 32 هزار ڊالر ۾ حاصل ڪئي هئي : جنگيل جيوت ڪانو

اسلام آباد(بيورو رپورٽ) تاريخ جي سڀ کان مهانگي پرمٽ حاصل ڪندڙ آمريڪي شهري، پاڪستان ۾ مارخور جو شڪار ڪري ورتو. آمريڪي شهري ڊيرن جيمز مل مين پرمٽ حاصل ڪرڻ بعد چترال ۾ مارخور جو شڪار ڪيو. جهنگلي جيوت ڪاني جي ڊيرين موجب شڪاري ۽ مارخور جي شڪار جي پرمٽ 2 لک 32 هزار ڊالر ۾ حاصل ڪئي هئي. ڊيرين موجب شڪار ٿيل مارخور جي عمر ساڍا 9 سال ۽ سندس سگن جي ڊيگهہ 45 انچ هئي. جهنگلي جيوت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26


مارخور جو شڪار ڪندڙ آمريڪي شهري

# تيز رفتار ٽينڪر گهر ۾ داخل، ستل شخص فوت، 3 زخمي

بلديہ گلشن غازي ۾ تيز رفتار واٽر ٽينڪر هڪ گهر ۾ ٽڪرائجي ويو

حادثي جي نتيجي ۾ گهر ۾ سمهندڙ هڪ شخص پاڻي جي ٽينڪر سان ٽڪرائجي فوت ٿي ويو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي علاقي بلديہ گلشن غازي ۾ انسوساڪ واقعو پيش آيو. جتي تيز رفتار واٽر ٽينڪر هڪ گهر ۾ ٽڪرائجي ويو . /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

# غزه تي اسرائيلي فوج جا حملا جاري، وڌيڪ 35 فلسطيني شهيد

ويسٽ بئنڪ ۾ اسرائيلي فوج جي فائرنگ ۾ وڌيڪ 2 فلسطيني شهيد ٿي ويا

اسرائيلي فوج ڪمال عدوان اسپتال ۾ بي گهر ٽيل فلسطينين جي خيمن کي بلدوز ڪري ڇڏيو

غزه جي مختلف علاقن ۾ اسرائيلي فوج تي راڪيٽن، مارٽر گولن ۽ سنائپر رائفلز سان حملا ڪيا

غزا مانيٽرنگ ڊيسڪ) جبالليا، خان يونس سميت ڪيترن ئي علاقن تي اسرائيلي فوج جا حملا جاري آهن. جنهن ۾ وڌيڪ 35 فلسطيني شهيد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

فلسطيني شهرن تي ٽيل اسرائيلي حملن جو وڌيڪ

# راولپنڈي ۾ شادي جي تقريب ۾ پراڻي شيرواني ڏيڻ لاءِ شهري عدالت پهچي ويو

شهري عثمان شبير فيشن هائوس جي مالڪ کي 5 لک روپيا هرجاڻي جو نوٽيس موڪلي ڇڏيو

شهري کي پراڻي شيرواني واپس ونڊڻ بعد نئين شيرواني جا پئسا واپس ڏنا ويا

راولپنڈي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) راولپنڈي ۾ شادي جي تقريب ۾ پراڻي شيرواني ڏيڻ لاءِ شهري عدالت پهچي ويو شهري عثمان شبير فيشن هائوس جي مالڪ کي 5 لک روپيا هرجاڻي جو نوٽيس موڪلي ڇڏيو، جنهن ۾ پراڻي شيرواني واپس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

# پيٽرول سستو ٽيڪ ڪان پوءِ عام واهپي وارين شين جي قيمتن ۾ لاڙ جو امڪان

نگران حڪومت گذريل 3 مهينن دوران پيٽرول ۾ 62 روپيه ۽ ڊيزل ۾ 55.17 روپيه لاڙ ڪئي

پيٽروليم قيمتن ۾ پهريان 40 روپيه ۽ هاڻ 14 روپين جي لاڙ سان عوام کي ڪافي حد تائين رليف مليو

اسلام آباد(م ڊ) پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ وڏي لاڙ ڪان پوءِ هاڻ عام واهپي جي شين جي قيمتن ۾ بہ لاڙ جو امڪان ظاهر ڪيو پيو رڃي. ڏريعن موجب پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ لاڙ سان عام واهپي جي شين ۾ بہ هيٺ مٿانهين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

# غزه ۾ اسرائيلي ظلم خلاف عالمگير احتجاج، لنڊن ۾ اسرائيلي سفير جي گهر جو گهيراءُ

اترلنڊن ۾ احتجاجي ريلي دوران مظاهرين اسرائيلي سفير جي گهر کي گهيراءُ ۾ آٽي ڇڏيو

مظاهرين فلسطين آزاد ڪيو ۽ غزه ۾ جنگبندي ڪيو جا زوردار نعرا هنيا، سوئيڊن ۾ بہ فلسطين جي حق ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

سوئيڊن جي راڄڌاني استاڪ هوم ۾ فلسطيني جهنڊا کڻي سوين ماڻهن طرفان جنگبندي جو مطالبو ڪيو ويو

غزه(م ڊ) غزه ۾ اسرائيلي ظلم خلاف عالمگير احتجاج. لنڊن ۾ مظاهرين طرفان اسرائيلي سفير جي گهر جو گهيراءُ ۾ آٽي ڇڏيو مظاهرين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

# هزارين ماڻهو روڊن تي نڪري آيا، بنگلاديشي وزيراعظم کان استعيفيٰ جو مطالبو

بنگلاديشي راڄڌاني ڊاڪا ۾ اپوزيشن جماعتن جي ڪال تي هزارين ماڻهو روڊن تي نڪري آيا

7 جنوري تي ٽيندڙ چونڊون نگران حڪومت جي سربراهي ۾ ڪرايون وڃن : اپوزيشن جماعت جو مطالبو

بنگلاديش ۾ ايندڙ عام چونڊن ۾ بنگلاديشي وزيراعظم شيخ حسينہ واجد پنجون پيرو وزيراعظم جي اميدوار آهي

ڊاڪا (م ڊ) بنگلاديشي راڄڌاني ڊاڪا ۾ اپوزيشن جماعتن جي ڪال تي هزارين ماڻهو روڊن تي نڪري آيا، وزيراعظم حسينا واجد خلاف نعريبازي ڪندي حڪومت کان مستعفي ٿيڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو، جنهن ۾ چونڊن جي شفاف انعقاد لاءِ نگران حڪومت قائم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو آهي. اپوزيشن جماعت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

ڊاڪا: بنگلاديشي راڄڌاني ڊاڪا ۾ اپوزيشن جماعتن جي ڪال تي هزارين ماڻهو احتجاج ڪندي

# ڪراچي دنيا جو آلودگي وارو شهر قرار، مضر صحت 332 ذرڙا ڪاربڊ

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي نہ رڳو ملڪ پر دنيا جو سڀ کان وڌيڪ آلودگي وارو شهر بڻجي ويو آهي. جتي ڪليل هوا ۾ ساهہ کڻڻ ناممڪن ۽ صحت لاءِ خطرو بڻجي ويو آهي. آڇر تي ڏينهن جون سرگرمين شروع ٿين ڪان اڳ شهر صبح جو سوير 332 جي ذرات واري معاملي جي ڪٿب رکاڙ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

# بصرجي امڪاني بحران کان بچڻ لاءِ نگران حڪومت پاران اڳواٽ قدم ڪٺندي برآمد محدود ۽ سخت ڪرڻ جو فيصلو

بصر برآمد ڪرڻ جي اجازت رڳو ايڊوانس ادائيگي جي شرط تي ئي هوندي : ذريعا

بصرجي برآمد تي نوان شرط 29 فيبروري 2024 تائين لاڳو هوندا

اسلام آباد (م ڊ) بصرجي امڪاني بحران کان بچڻ لاءِ نگران حڪومت اڳواٽ قدم ڪٺندي برآمد محدود ۽ سخت ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. ذريعن موجب نگران حڪومت ملڪ ۾ بصرجي برآمد محدود ۽ سخت ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. برآمد محدود ۽ سخت ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. ذريعن موجب نگران حڪومت ملڪ ۾ بصرجي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

# اسلام آباد ۾ قورن جي فائرنگ: پوليس اهلڪار پٽ سميت مارجي ويو

اهلڪار ڊيوٽي ختم ڪري پٽ سان گڏ واپس گهر وڃي رهيو هو تہ جي الیون 4 ۾ قرجي کارروائي لاءِ ٻيٽل قورن کي هن پڪڙڻ جي ڪوشش ڪئي

قورن پوليس اهلڪار ۽ ملزمان اندا ڌند فائرنگ ڪري ڏني جنهن جي نتيجي ۾ اسلام آباد پوليس جو هيڊ ڪانسٽيبل محمد اشرف ۽ سندس پٽ مارجي ويا

واقعي جي اطلاع ملڻ تي پوليس جي وڏي نفري موقعي تي پهچي وئي، پوليس جوابدارن جي گرفتاري لاءِ علاقي ۾ سرچ آپريشن شروع ڪري ڏني

اسلام آباد (م ڊ) اسلام آباد جي سيڪٽر جي الیون فور ۾ قورن جي فائرنگ سبب پوليس جو هيڊ ڪانسٽيبل پٽ سميت مارجي ويو آهي. ان حوالي سان ٻڌايو پيو وڃي تہ پوليس اهلڪار ديوٽي ختم ڪري پٽ سان گڏ واپس گهر وڃي رهيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

اسلام آباد: قورن جي فائرنگ ۾ شهيد اهلڪار اشرف جي حياتي جي تصوير

# سيڪيورٽي خدشا: ٽانڪ ۽ ڊيرا اسماعيل خان ۾ پوليو مهم ملتوي

ٽانڪ ۽ ڊيره اسماعيل خان ۾ دهشتگردي جي تازن واقعن سبب پوليو کان بچاءُ جي مهم ملتوي ڪئي وئي

ڊيره اسماعيل خان ۾ پوليو کان بچاءُ جي مهم 18 ڊسمبر کان شروع ٿي هئي

سيڪيورٽي خدشن سبب ان کي ملتوي ڪرڻو پئجي ويو آهي : ذريعا

پشاور (م ڊ) خيبرپختونخواهہ جي ٻن اهم ضلعن ٽانڪ ۽ ڊيره اسماعيل خان ۾ دهشتگردي جي تازن واقعن سبب پوليو کان بچاءُ جي مهم ملتوي ڪئي وئي آهي. ذريعن موجب ٽانڪ ۽ ڊيره اسماعيل خان ۾ پوليو کان بچاءُ جي مهم 18 ڊسمبر کان شروع ٿي هئي. پر سيڪيورٽي خدشن سبب ان کي ملتوي ڪرڻو پئجي ويو آهي. ياد رهي تہ گذريل ڪجهہ وقت کان خيبرپختونخواهہ /بقايا پڙهو صفحو2 نمبر 23

# اسان جي سياست معاشي ڊپاءَ ۾ آهي: فضل الرحمان

پارليامينٽ ڪهڙو ڪردار ادا ڪيو؟ بيوروڪريسي چا ڪيو؟، اسان جي بزرگن ملڪ لاءِ قربانيون ڏنيون

گڏيل قومن، سلامتي ڪائونسل ۽ انساني حقن جون بنيادي تنظيمون سڀ ناڪام ٿي چڪيون آهن، اسان جي آزادي خطري ۾ آهي

اسان جي سياست معاشي ڊپاءَ ۾ آهي، صهيوني قوتون فلسطينين سان ڇا ڪري رهيون آهن جنهن انسانيت کي شرمسار ڪيو آهي

مردان (مانيٽرنگ ڊيسڪ) جي يو آئي سربراهہ مولانا فضل الرحمان چيو آهي تہ اسان هن ملڪ ۽ قرباڻين ڏنيون، پر ڏيهي ايجنٽ توهين سان چا ڪيو آهي؟ پارليامينٽ ڪهڙو ڪردار ادا ڪيو؟ بيوروڪريسي چا ڪيو؟. اسان جي بزرگن ملڪ لاءِ قربانيون ڏنيون، پر ڏيهي ايجنٽ توهين سازش ڪي ناڪام بڻائيندا سين. گڏيل قومن، سلامتي ڪائونسل ۽ انساني حقن جون بنيادي تنظيمون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24


مردان: جي يو آءِ سربراهہ مولانا فضل الرحمان تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

# خانپور ويجهو فصل جي پيل تان جهيڙو، هڪ ڇڪتو قتل، 2 زخمي

خانپور (رپورٽر) خانپور ويجهو فصل جي پيل تان ٻن ڏرين ۾ جهيڙو ٿي ويو، جنهن جي نتيجي ۾ هڪ ڇڪتو قتل ٿي ويو، 2 ڇڪتا زخمي ٿي پيا. فصل جي پيل تان سبزوئي برادري جي ٻن ڏرين ۾ جهيڙو ٿي پيو. فائرنگ ۾ نوجوان قتل ٿي ويو، 2 ڇڪتا زخمي ٿي ٻيارستر ٽائٽي جي حد گوٺ چمن سکيور ۾ گوليون لڳڻ سبب نوجوان غلام شبير /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

# نگران صوبائي وزير محمد يونس ڊاڪا ڊجيٽيلائيزيشن ۽ آن لائن فيسٽيليشن سينٽر جو افتتاح ڪري ڇڏيو

ايراضي جي ڊجيٽيلائيزيشن ۽ آن لائن خدمتون نگران سنڌ حڪومت جو سنگِ ميل منصوبو آهي : يونس ڊاڪا

نگران سنڌ حڪومت رونو ايراض جي ڊجيٽيلائيزيشن ۽ آن لائن خدمتن جي فراهمي لاءِ آباد آفيس ۾ ئي فيسٽيليشن سينٽر ناهيو آهي

شهري آباد جي ميمبرن پنهنجي آفيس ۾ ويهي پنهنجون درخواستون جمع ڪرائي سگهن ٿا

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي رونيو، صنعت ۽ واپار وارو نگران وزير محمد يونس ڊاڪا ايسوسي ايشن آف بلڊرز اينڊ ڊيولپرز پاڪستان (آباد) جي آفيس ۾ رونيو ايراضي جي ڊجيٽيلائيزيشن ۽ آن لائن فيسٽيليشن سينٽر جو افتتاح ڪري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

# مسلم ليگ (ن) سنڌ جو صدر بشير احمد ميمڻ پاران صاحبائي هائوس ۾ دعوت ۾ شرڪت

## مسلم ليگ ن ۾ شموليت اختيار ڪندڙ ياسر خان ہيرجي رهائشگاهه صاحبائي هائوس تي تقريب

## ايندڙ وزير اعظم محمد نواز شريف هوندو هو ملڪ جي خوشحالي .امن ۽ ترقي جو ضامن آهي: بشير ميمڻ

## برَاج جي پچڑي وارن آبادگارن جون زمينون سڪائي منڊ جي بااثر آبادگارن جون زمينون آباد ڪيون ويون

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) ۾ مسلم ليگ ن سنڌ جو صدر بشير احمد ميمڻ اڳوڻي ايم پي اي ڪينٽل داس ڪوهستائي مسلم ليگ ليڈيز ونگ سنڌ جي صدر زاهده پنڊ اڳوڻي ايم پي اي سورٹ ٽيپو دادو ۾ تازو پي پي پي ڪي چڏي مسلم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

دادو: مسلم ليگ (ن) سنڌ جو صدر بشير احمد ميمڻ پاران صاحبائي هائوس ۾ دعوت ۾ شرڪت ڪئي

# نيشنل پريس ڪلب غوثپور جي سال 2024 جي نئين ايندڙ سال جي چونڊ

## صلاح مشوري سان نيشنل پريس ڪلب غوثپور جي نئين بادي جي چونڊ ڪئي ويئي

## نئين بادي ۾ صدر غوثپور جي نجي ٽي وي نيوز چينل رپورٽر برڪت علي پيو ڪي چونڊيو ويو

غوثپور (عبدالنبي ملڪ) غوثپور. نيشنل پريس ڪلب غوثپور جي سال 2024 جي نئين ايندڙ سال جي چونڊ حبيب الله خان بهلڪاڻي ۽ مهيبر خان باجڪاڻي جي اڳواڻي ۾ ٽي گڙي. جنهن ۾ سيني دوستن جي صلاح مشوري سان نيشنل پريس ڪلب غوثپور جي نئين بادي جي چونڊ ڪئي ويئي جنهن ۾ صدر غوثپور جي نجي ٽي وي نيوز چينل رپورٽر برڪت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

# گورنمينٽ آرٽس اينڊ ڪامرس ڪاليج لاڑڪاڻي جي شاگردن ۽ شاگردياڻين پاران موهن جي دڙي جو دورو

## شاگردن ۽ شاگردياڻين کي ماڳ موهن جي دڙي ۽ ڪيڊٽ ڪاليج لاڑڪاڻي جي استدي ٽرپ ڪرائي وئي

## ڪاليج پاران ٽرپ ۾ فرسٽ ايئر، انٽر، بي ڪام ون ۽ بي ڪام پارٽ ٽوجا شاگرد ۽ شاگردياڻيون شامل هيون

## ريڪريئيشن هال، آءِ ٽي ليب، لائبريري، آرڪائيوز، اسپورٽس ڪامپليڪس، اقبال آڊيٽوريم وغيره گهمايا ويا

ڏوکري (رپورٽر) گورنمينٽ آرٽس اينڊ ڪامرس ڪاليج لاڑڪاڻي جي شاگردن ۽ شاگردياڻين کي تاريخي ماڳ موهن جي دڙي ۽ ڪيڊٽ ڪاليج لاڑڪاڻي جي استدي ٽرپ ڪرائي وئي.جنهن جي اڳواڻي ڪاليج جي پرنسپال پروفيسر رضوان گل ڪٽي.ان ٽرپ ۾ فرسٽ ايئر، انٽر، بي ڪام ون ۽ بي ڪام پارٽ ٽوجا شاگرد ۽ شاگردياڻيون شامل هيون. شاگردن کي ڪيڊٽ ڪاليج جا مختلف /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

ڏوکري: گورنمينٽ آرٽس اينڊ ڪامرس ڪاليج لاڑڪاڻي جي شاگردن ۽ شاگردياڻين پاران موهن جي دڙي جو دورو ڪيو ويو

# هيلٿ ڊپارٽمينٽ تعلقه سڪرنڈ پاران ايم ايس پاران پوليو ٽيم جي اعزاز ۾ تقريب

## پوليو ٽيم جي اعزاز ۾ تائون ڪميٽي سڪرنڈ ۾ بيسٽ ايوارڊ تقريب منعقد ڪئي وئي

## ايڊووڪيٽ علي حيدر شاهه، تائون ڪميٽي چيئرمين سيد عزيز اختر شاهه ۽ ٻين پاران شرڪت

سڪرنڈ (رپورٽر) هيلٿ ڊپارٽمينٽ تعلقه سڪرنڈ پاران ايم ايس ڊاڪٽر امتياز جانديو، ڊاڪٽر هدايت الله لکميرء ڊاڪٽر سماجي ۽ مذهبي ڊرين جي اڇڻ جو سلسلو جاري آهي جنهن ۾ ڊوڪري جي يو آءِ سٽي يونٽ جي جنرل سيڪريٽري اسان الله جهتيال، سٽي جي اميرعلي اڪبر ميمڻ، شاهه پبلڪ اسڪول ايڈمن عبدالرزاق جوڻيجو ۽ ڪيڊٽ ڪاليج کان آيل جاويد علي گاڏهي جن مبارڪون ڏيڻ سان گڏ گلن جا هار پارايا. ان موقعي تي آيل مهمانن کي خطاب ڪندي مهمان چيف تحسين پيش ڪريون تا انهن ليڊي هيلٿ ورڪرز جي، جيڪي مينهن هجن يا گرميون. سردين هجن يا طوفان بارن کي پوليو جا قطرا پيارن لاءِ، هر دروازي تي پهچن ٿيون. ايوارڊ تقريب ۾ ليڊي هيلٿ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

# ملير ۾ سنڌي ادبي سنگت شاخ شاعري مجموعي "اوسيڙي جا گل" جي مهورتي تقريب

## تقريب ۾ نالياري شاعر سيد غفور شاهه، سنڌي ادبي سنگت جي جوائنٽ سيڪريٽري شريڪ ٿيا

## سڪندر سرواڻ، امتياز دانش، زاهده ڏاهري، منصور ڏاهري، غوث پيرزادو، ايڊووڪيٽ ارشاد شر شرڪت ڪئي

## اڄوڪي سنڌ ۾ گذريل هڪ وڏي وقت کان اهڙي ڪتاب وقت جي ضرورت پوري ڪئي آهي: ڊاڪٽر سليمان سولنگي

ملير (رپورٽر) سنڌي ادبي سنگت شاخ ملير پاران شاعره امرتا ڏاهري جي شاعري مجموعي "اوسيڙي جا گل" جي مهورتي تقريب شاهه ٿائون ۾ ٽي گڏي. مهورتي تقريب ۾ نالياري شاعر سيد غفور شاهه، سنڌي ادبي سنگت جي جوائنٽ سيڪريٽري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

ملير: سنڌي ادبي سنگت شاخ ملير پاران شاعره امرتا ڏاهري جي شاعري مجموعي "اوسيڙي جا گل" جي

# ڏوکري ۾ چونڊجي آيل تعلقه پريس ڪلب جي عهديدارن کي مبارڪون جاري

## جي يو آءِ سٽي يونٽ جي جنرل سيڪريٽري امان الله جهتيال، علي اڪبر ميمڻ مبارڪون ڏنيون

## اميد ٿا ڪيون ته ڏوکري جي مظلوم عوام جو آواز اعلي ايوانن تائين پهچائيندا رهندا: امان الله جهتيال

ڏوکري (رپورٽر) ڏوکري ۾ چونڊجي آيل تعلقه پريس ڪلب ڏوکري جي عهديدارن کي مبارڪون ڏيڻ لاءِ سياسي سماجي ۽ مذهبي ڊرين جي اڇڻ جو سلسلو جاري آهي جنهن ۾ ڏوکري جي يو آءِ سٽي يونٽ جي جنرل سيڪريٽري امان الله جهتيال، سٽي جي امير علي اڪبر ميمڻ، شاهه پبلڪ اسڪول ايڈمن عبدالرزاق جوڻيجو ۽ ڪيڊٽ ڪاليج کان آيل جاويد علي گاڏهي جن مبارڪون ڏيڻ سان گڏ گلن جا هار پارايا. ان موقعي تي آيل مهمانن کي خطاب ڪندي مهمان چيف تحسين پيش ڪريون تا انهن ليڊي هيلٿ ورڪرز جي، جيڪي مينهن هجن يا گرميون. سردين هجن يا طوفان بارن کي پوليو جا قطرا پيارن لاءِ، هر دروازي تي پهچن ٿيون. ايوارڊ تقريب ۾ ليڊي هيلٿ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

# عوامي تحريڪ وارهه طرفان پارٽي جي مرڪزي سڏ تي احتجاجي مظاهرو

## ڪارڪنن پاران غير قانوني قبضن خلاف علامتي بک هڙتال ڪري نعري بازي ڪئي وئي

## زرعي انقلاب سميت مختلف نالن سان زمينن تي ٿيل قبضن خلاف عوامي تحريڪ وارهه طرفان بک هڙتال

## سنڌ جي وسيلن کي تيل وال ڪرڻ ڪُلهه ناهي اهڙا سلسلا ڪيترن سالن کان جاري آهن: سرتاج چانڊيو

وارهه (رپورٽ طالب حسين چانڊيو ) عوامي تحريڪ وارهه طرفان پارٽي جي مرڪزي سڏ تي، سنڌ جي زمينن تي ٽيندڙ غير قانوني قبضن خلاف علامتي بک هڙتال ڪري نعري بازي ڪئي وئي. سنڌ جي زمينن کي عسڪري اداارن ۽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

- لاڑڪاڻي ۾ سني تحريڪ طرفان
- جنرل ورڪرز و محبت فلسطين
- جي سلسلي ۾ اجلاس

لاڑڪاڻو(رپورٽر) لاڑڪاڻي ۾ پاڪستان سني تحريڪ ضلعي طرفان شهر جي عبداللطيف نظاماڻي هال ۾ جنرل ورڪرز و محبت فلسطين جي سلسلي ۾ اجلاس ڪوڏايو ويو، جنهن ۾ پي ايس ٽي جي سرپرست اعليٰ پير سيد اعجاز علي شاهه بخاري، سنڌ جي صوبائي صدر نور احمد قاسمي، سينئر صوبائي اڳواڻ مولانا علي نواز قاسمي، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

وارهه: عوامي تحريڪ وارهه طرفان پارٽي جي مرڪزي سڏ تي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

# ڊاڪو جي اي سيڪشن ٿاڻي جي حد ۾ واقع نجر ڪالوني ۾ نينگرسان زيادتي جي ڪوشش

## نجر ڪالوني ۾ هوٽل تي ڪر ڪنڈڙ 15 ورهين جي نينگرسان زيادتي جي ڪوشش ڪئي وئي

## بااثر جوابدارن خلاف اين سي ڊاخل ڪرائي آهي رات ڪان ٿاڻي جا چڪر ڪاٽي رهيا آهيون: صنم لاشاري

دادو(ن سنڌيار) دادو جي اي سيڪشن ٿاڻي جي حد ۾ واقع نجر ڪالوني ۾ هوٽل تي ٻوڙهيو ڪنڈڙ 15 ورهين جي نينگرسان مبينا زيادتي جي ڪوشش، متاثر نينگر دل نواز لاشاري سنڊس امڙ صنم لاشاري اي سيڪشن ٿاڻي تي پهچي اين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

# نوشهرو فيروز لڳ پراڻي پڌعيدن جو رهواسي اعجاز علي هوت پاران احتجاج

## مون کي پي رياض علي ۽ چاچي زنواز علي لادوا ڪري گهر مان ڪڍي ڇڏيو:نوجوان

## مون کي ۽ سڪينه کي رياض علي ۽ زنوار علي هوت بلوچ مان جان جو خطرو آهي تحفظ ڏنو وڃي

نوشهرو فيروز(رپورٽ اسد علي عمراڻي ) نوشهرو فيروز لڳ پراڻي پڌعيدن جو رهواسي اعجاز علي هوت بلوچ نيشنل پريس ڪلب پهچي ميڊيا کي ٻڌايو ته سال اڳ مونکي پنهنجي پي ۽ رياض علي ۽ چاچي زنواز علي لادوا ڪري گهر مان ڪڍي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

# سي آءِ اي پوليس نوشهروفيروز جي انچارج پاران منان پمپ ويٽ ڪامياب ڪاروائي

## انسپيڪٽر الهوسايو وگڻ نيڪ محمد چانڊيو غلام عباس چانڊيو عبدالقدير ۽ ٻين چاپو هنيو

## نصير احمد وقاص ۽ شيراز آرائين گرفتار هٿ ڪيل گهٽڪي جي مالڪيت سوا ڪروڙ ٻڌائي پئي وڃي

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) سي آءِ اي پوليس نوشهروفيروز جي انچارج زاهد ڪمبوه انسپيڪٽر الهوسايو وگڻ نيڪ محمد چانڊيو غلام /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

# سلطانپور لڳ چورن جو آزار پاڳيا راتيون جاڳي گذارڻ تي مجبور، هڪ چور سوگهر

## ڪانڊيرو شنبائي ۾ چوري جي ڪوشش ڪرڻائن هٽان هڪ چور زخمي حالت ۾ سوگهيا

## معاملي جي جاچ ڪئي پئي وڃي ڪنهن به صورت ۾ ڪين معاف نه ڪيو ويندو: ايس ايڇ او

سلطانپور (رپورٽ قربان علي مهر) سلطانپور لڳ چورن جو آزار پاڳيا راتيون جاڳي گذارڻ تي مجبور گذريل رات ڪوٽ ڪانڊيرو شنبائي ۾ چوري جي ڪوشش ڪرڻائن هٽان هڪ چور زخمي حالت ۾ سوگهيا ۽ فرار خبر مرجب گذريل رات ديرسان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

# سنڌ تي سائن ڪان مسلط حڪمران جماعت عوام کي منهن ڏيڻ ڪان ڀڄي ٿا: زبير حفيظ شيخ

## ماٿو شهر جي دشمنن کي جڳي ريت سجاڻن ٿا، اربين روپين جي بجيٽ ڪرپشن جي نذر ٿي وئي آهي

سنڌ اليڪشن ڪميشن جي سهڪار سان سڪر جي اليڪشن کي يرغمال بڻائڻ جي سازش ڪئي پئي وڃي

سڪر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) جماعت اسلامي سڪر جي اميرء پي ايس 24 جا امدوار زبير حفيظ شيخ چيو آهي ته سنڌ تي سائن ڪان مسلط /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12



سڪر: زبير حفيظ شيخ سنڌيار جي سٽ سان گڏ ڪاهائيندي

# سنڌ جي لکين ايڪڙ ڪمپني کي ڏيڻ خلاف سڪر ۾ ڪمونسٽ پارٽي پاران احتجاجي مظاهرو

سڪر(رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) سنڌ جي لکين ايڪڙ زرعي زمن ڪارپوريٽ فارمنگ جي نالي تي غر ملڪي ڪمپنن کي لزتي ڏيڻ سنڌ جي زرعي ملڪيت وڪرو ڪرڻ آهي هي زرعي زمن سنڌ جي مقامي بي زمن هارين کي ڏني وڃي. اهي ڳالهيون سنڌ هاري ڪاميٽي جي صدر پروفيسر مرمنور ٿالپر ، ڪمونسٽ پارٽي صوبائي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

# ڪوٽ مٺا پوليس جي زيادتين خلاف احتجاجي ريلي ، مظاهرو

## ڪوٽائن پاران راڻو خان پرٽ، آندل خان شر، شاهنواز علي ،امداد علي جي اڳواڻي ۾ ريلي

## ايس ايڇ او ڪجي کان شهر ڏانهن ايندڙ ويندڙ ڪوٽائن لاءِ رڙ ٻاري ڏنو آهي :مظاهرين جو خطاب

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) ڪوٽ مٺا پوليس گهر جي پاڇي پٽاڻا ۽ ڪنڊ پتي ۾ ڪسي ٽي وڃي ، ايس ايڇ او کي ٻهانو ڪري اسان ڪجي وارن غريبن جا ڪيسا خالي ڪريو ڇڏي ، سوين ڪوٽائن جو پوليس جي زيادتين خلاف احتجاجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

# سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر پاران زرعي پاڻ جي ڪوٽ جو نوٽيس

## جسٽس (ر) مقبول باقر ڪمشنرن ۽ ڊپٽي ڪمشنرن کي زرعي پاڻ جي ڪوٽ بابت خط لکيو

## ضلعي فوڪل پرسن ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر 2 دادو سميع الله وگڻ کي نگران مقرر ڪيو ويو

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر سنڌ جي ڪمشنرن ۽ ڊپٽي ڪمشنرن کي زرعي پاڻ جي ڪوٽ بابت خط لکيو آهي، ان هدايت تي عمل ڪندي ڊپٽي ڪمشنر دادو فياض حسين راهوجو ضلع /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

# نٽي اندر ڏوهي وارداتن ۾ گهٽتائي آڻڻ بجاءِ ڏينهون ڏينهن واڌارو ٽيڻ لڳو، احتجاج

## نامعلوم هٿياربند قورو هٿيارن جي زور تي طارق رانوڙ کان موٽر سائيڪل ڦرڪري فرار ٿي ويا

## هٿياربند قورن هٿيارن جي زور تي ڪانجي ميگهواڙ کان نئين سپر پاور موٽر سائيڪل ڦرڪري ويا

نٽو (رپورٽ جاويد لطيف ميمڻ ) نٽي ضلعي اندر ڏوهي وارداتن ۾ گهٽتائي آڻڻ بجاءِ ڏينهون ڏينهن واڌارو ٽيڻ لڳو، جنهن ڪري رهواسي سخت پريشان ٻڌيل، ان سلسلي ۾ مليل جاڻ موجب مڪلي لڳ مڪلي/غلام الدرود تي ديسترڪٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

# ڊگري ڪاليج مڪلي ۾ رٽائرڊ ملازمن جي حقن لاءِ هڪ ڏينهن احتجاجي سيمينار

## ڏهه سيڪڙو بقايا ۽ ٽيڪس ڪٽا حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ ڏينهن وارو احتجاجي سيمينار ڪرايو

## حڪومت ملازمن کي گروپ انشورنس، پينشن فنڊ، ٽيڪس ڪٽا ۽ 10 سيڪڙو بقايا ادا ڪري: اڳواڻ

نٽو (رپورٽ جاويد لطيف ميمڻ) ڊگري ڪاليج مڪلي ۾ رٽائرڊ ملازمن جي حقن لاءِ هڪ ڏينهن احتجاجي سيمينار منعقد ڪيو ويو شرڪت ڪندڙ چيرمين ڊاڪٽر ملازمن جي حقن لاءِ جدوجهد جاري رهندي گورنمينٽ رٽائرڊ ايمپلائيز ويلفيئر ايسوسي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

نٽو: ڊگري ڪاليج مڪلي ۾ رٽائرڊ ملازمن جي حقن لاءِ هڪ ڏينهن احتجاجي سيمينار ۾ اڳواڻ ويٺل آهن

# ايس ايس پي ٺٽو پاران منشيات فروشن جي گرفتاري جي حوالي سان سخت هدايتون جاري

## انچارج سيد فيض علي شاهه گهارو گولائي موري تي گاڏين جي چيڪنگ ڪندي گرفتاريون ڪيون

## 2 سئو 40 ڪلو گٽڪو هٿ، تيار گٽڪا جا 1000 پيڪيٽ هٿ ڪري گاڏي کي تحويل ۾ ورتو ويو

## ڪيس گهارو ٿاڻي تي قتل پوليس پارٽي مٿان قتل جي ارادي سميت گٽڪا ايڪٽ تحت داخل ڪيا ويا

ٺٽو (رپورٽ:جاويد لطيف ميمڻ) ايس ايس پي ٺٽو علي بخش عرف آفتاب نظاماڻي پاران منشيات فروشن جي گرفتاري جي سخت هدايتن تي عمل ڪندي ڪنڊيارو سي آئي اي ٺٽو پوليس جي انچارج سيد فيض علي شاهه گهارو گولائي موري تي گاڏين جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

- هر سطح تي بهتري آڻڻ جو عزم
- ڪيو آهي، اصلاحات آڻي رهيا
- آهيون: ناوز علي بروهي

ملير (رپورٽر) چيئرمين ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن منگوپير حاجي ناوز علي بروهي چيو آهي ته هر سطح تي بهتري آڻڻ جو عزم ڪيو آهي ته هي ڪينٽ ممڪن آهي ته اسان صفائي ستراڻي تي توجهه نه ڏيون. سينيٽري جي محڪمي ۾ اصلاحات آڻي رهيا آهيون جو ته ان کان پهريان هن تي توجهه نه ڏني وئي هئي جيڪو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

# دريا خان مري پرسان منگيا موري اسٽاپ وٽ خالي جڳهه مان نامعلوم درويش جو لاش هٿ

## اطلاع تي دريا خان مري پوليس واقعي واري هنڌ پهچي فوتي نوجوان جو لاش تحويل ۾ ورتو

## ٻن مهينن کان نوجوان درويش منگيا موري واري علاقي ۾ گهمندو هيو جيڪو فوت ٿي ويو

دريا خان مري (رپورٽر) دريا خان مري پرسان منگيا موري اسٽاپ وٽ خالي جڳهه مان نامعلوم درويش جو لاش هٿ ڪيو ويو اطلاع تي دريا خان مري پوليس واقعي واري هنڌ پهچي فوتي نوجوان جو لاش تحويل ۾ وٺي ضروري ڪاروائي بعد ايدي حوالي ڪيو ويو علاقائي ماڻهن جو چوڻ آهي ته هوٽل تي ڪم ڪندڙ نوجوان درويش منگيا موري واري علاقي ۾ گهمندو هيو جيڪو فوت ٿي ويو آهي دريا خان مري پوليس ٻڌايو ته فوتي نوجوان جي وارثن جي ڳولا ڪئي مگر وارث نه ملڻ ڪري فوتي جو مڙهه ايدي حوالي ڪيو ويو

# متياري ۾ سنڌ ميمڻ اتحاد جو اهم اجلاس، ضلعي توڙي تعلقي جي بادي جي چونڊ

## عارف علي ميمڻ ضلعي صدر ۽ ڊاڪٽر عبدالرشيد ميمڻ جنرل سيڪريٽري منتخب ٿي ويا

## سينيئر نائب صدر امتياز ميمڻ نائب صدر ايڊووڪيٽ محمد اسلم ميمڻ، علي بخش ميمڻ چونديا ويا

## باني حاجي عبدالرزاق ميمڻ هو جنهن پنهنجي زندگيءَ جو قيمتي وقت هن اتحاد لاءِ وقف ڪيو آهي: اڳواڻ

متياري (رپورٽر) متياري ۾ سنڌ ميمڻ اتحاد جو اهم اجلاس مرڪزي چيئرمين حاجي عبدالشڪور ميمڻ جي صدارت هيٺ ٿي گذريو اجلاس ۾ متياري ضلعي توڙي تعلقي جي بادي جي چونڊ ڪئي وئي. ايڊووڪيٽ عارف علي ميمڻ ضلعي صدر ۽ ڊاڪٽر عبدالرشد ميمڻ جنرل سيڪريٽري منتخب ٿي ويا. تفصيل موجب سنڌ ميمڻ اتحاد ضلع متياري جو اهم اجلاس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

- سنڌ صوبي جي مرڪزي جماعت
- جو صوبائي انتخابي اجلاس،
- اڳواڻ پاران شرڪت

متياري (رپورٽر) سنڌ صوبي جي مرڪزي جماعت جو صوبائي انتخابي اجلاس متياري دارالعلوم جامعه غوثيه طاهريه ۾ منعقد ٿيو. اجلاس سرپرست اهلسنت جماعت دارالعلوم جامعه غوثيه طاهريه جي سرپرست اعليٰ حافظ بشارت احمد طاهري جي صدارت هيٺ ٿيو مرڪزي جماعت سنڌ جو صوبائي اليڪشن اجلاس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

# دسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن خيرپور جي 2024 جي اليڪشن لاءِ وڪيل سندرا ٻڌي چڙيا

## صدر لاءِ اعجاز علي چانڊيو نائب صدر خورشيد سهتو، جنرل سيڪريٽري لاءِ الطاف حسين شريڪ

## محمد ياسين پنهور، ارباب جهانگير انصاري جو باضابطه طور فارم پري پينل جوڙي ورڪ شروع ڪري چڏي

## اسان جا وڪيل تمام بهترين سوچ جا مالڪ پنهنجي پيشي سان سچا سڻي ڪردار جا مالڪ آهن: اعجاز علي چانڊيو

خيرپور (رپورٽر) دسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن خيرپور جي سال 2024 جي اليڪشن لاءِ وڪيلن سندرا ٻڌي چڙيا ملاکڙو 13 جنوري تي ٿيندو ورڪ تيز تفصيل موجب دسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن خيرپور جي سال 2024 جي اليڪشن لاءِ ميدان تيار ٿي ويو نيشنل لائيرس پينل جو اعلان ڪري چڙيو جنهن ۾ صدر لاءِ اعجاز علي چانڊيو نائب صدر ميدم خورشيد سهتو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

*** روزاني سنڌيار سڪر پبلشر سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سڪر آفيس گهر نمبر سي 92، ڊهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سڪر مان پڌري ڪئي وئي***

روزاني
# سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
سومر 18 ڊسمبر 2023ع

## هَئي سَکي! اڄ مُنهنجو ساجن آيو آهي !!

امر رائيسنگهه راجپوت

شاعري، جيڪا رُوح کي راحت ڏئي ٿي، شاعري، جنهن ۾ نئين نويلي ڪُنوار جي ٿهڪن جهڙي نغمگي هُوندي آهي. شاعري، جيڪا هار جي ننڍاڪي مُرڪ جهڙي معصوم ۽ هُوندي آهي ته ڪنوار جي من ۾ مچڪندڙ پرولي جهڙي شرارتي ۽ هُوندي آهي. شاعري، جنهن جي هندوري ۾ هي جڳ لڏي ٿو. شاعري، جيڪا محبوبا جي رتن رُخسارن تي چڪ ۽ ڪويل خوشبوءِ ڏئي ٿي". شاعري، جنهن ۾ سج جهڙي تپش ۽ آهي ته چندرما جي چاندني جهڙي ٺڏاڻ ۽ آهي. اڇو ته اُن شاعريءَ جي ڦُلواڙي مان ڦُلن جو واس ونڊڻ لاءِ اُن ديس جي شاعري ڏي هلون. جنهن ديس کي شيخ ايياز سو ديس مُسافر منهنجو ڙي سان مخاطب ٿيندي گهايو آهي.

جنهن ديس کي واريءَ جو درياءِ چُڀڻي تڏهن ۽ ڪو وڏاءُ نہ ٿيندو. جيڪو ديس پنهنجي ويس ۾ مڙنيءَ کان مُختلف آهي جتي ڏُکارن جا ڏُک ۽ آهن ته سُکارن جي سُونهن ۽ آهي. جتي مور اُڏارن جا منظر ۽ آهن ته روهيڙي جي رتن گُلن جهڙي ماروڙي شاعريءَ جا دل لُڀائيندڙ ڏوها ۽ آهن. اڇو ته اُنهن ڏُوهن مان درس پرايون ته محبوب جي آمد جو انتظار چا هُوندو آهي، ۽ جڏهن محبوب جي آمد ٿئي ته اُن جي آجيان ڪيئن ڪجي؟ هيرن موتين جا ٽال پري گهٽيءَ ۾ ڏيڻا ٻاري محبوب جي آجيان ڪرڻ لاءِ اُناولي بيئل ڪنهن ٽري وِينگس جي اندر جي اُپٽار ماروڙي شاعريءَ ۾ واقعي ڪمال فن سان بيان ڪئي وئي آهي.

تَن تَرور مَن ماڇلي، پڙي وِرهه کي جال.
تَلڦ تَلڦ جِيو جات هي، وهيلا مِلو جَمال

(مُنهنجو جسر وڻ وانگي سُکي ويو آهي، اندر مڇيءَ وانگي ورهه جي جال ۾ قاسي پيو آهي. هاڻي تڙپي تڙپي ساهه وڃي ٿو. جلدي ملي وڃ مُنهنجا مَنا )

يا تَن کي پَتي گَرون، مَن کر گَرون گَلال
نيڻان را پيالا گَرون، پَر پَر پيئو جَمال

(هن جسم جي بَٽي (شراب ڪيڏ واري) ڪريان. اندر کي ڪلال (شراب ناهيندڙ) ڪريان. اکين جا جام آڇيان. اڄ پري پري پيالا پي وڃ.)

پگ پَرسڻ کُون تپي، شَرڻ سُڻن کُون ويڻ.
هردو تپي ملڻ کُون، مُک ڏيکڻ کُون نيڻ

(هي پير تو کي ڇُهڻ لاءِ ترسن پيا. گَن ٿُنهنجا منا ۽ هول ٻَڌڻ لاءِ ٻاڏائي رهيا آهن. هينئون توسان ملڻ لاءِ تَرسي رهيو آهي ۽ هي اکيون ٿُنهنجي ديدار جي لاءِ اُناوليون ٿي پيون آهن.)

ڪِوي نمائي آنکڙي، هولي ڪاگ نِلج.
سو ڪوسان ساجن وسي، سو ڪِم آوي آج.

(اڄ منهنجي نمائي اک ڦڙڪي پئي ۽ ڪانگ ۽ صبحَ سوير لنوي رهيو آهي. لڳي ٿو اڄ سَوَن ڪوهن تي موجود سُهرين اڇڻ جُون سَڏُون ڪري پيو.)

آج ڦُرُوڪي آنکيان، ناپ، پَڇان، اهران
سَکي ڇ گهوڙا سجڻان، ساما ڪيا گهران

(اڄ هئي اکيون ڦڙڪي رهيون آهن. سُونتي/ناف، هانهُون ۽ چپ سپ ڦڙڪن پيا. هي سَکي! لڳي ٿو اڄ ساجن پنهنجو گهوڙو سنجي گهرن ڏانهن مُهاڙ ڪئي آهي. چاڙ انتظار جي اُڻ ٽُٽ ۾ اُتاولائيءَ جو اظهار آهي.)

اَهرڦُرڪي، تَن ڦُري، تَن ڦُرنيڻ ڦُرنت
ناپي منڊل سَهُر ڦُري، سانجهي ناهه ملنت

(اڄ چَپ ڦڙڪن پيا. جسر ڦڙڪي پيو. اکيون ۽ ڦڙڪن پيون. سُونتي ۽ ڦُولي رهي آهي لڳي ٿو اڄ سانجهيءَ جو سُهرين ملندو.)

هاوءِ انگ ڦُرڪڻ لڳو، ڦُرڪت هاوي آنک
ساجن آسي هي سکي، ڇَڙ ڇوهاري جهانک

(اڄ ساڃو انگ ڦڙڪي پيو ۽ گڏ ساڃي اک ۽ ڦڙڪي پيئي. هي سکي! اڄ ساجن اينڊ ۽ ٽُون جوواڻي تي بيهه ڏَس)

اُٺ داسي، ڪس ڏولين، گهرا ديپڪ جوءِ
ڏُڙ وَڙ ماڇي ڈيهران، سايت ساجن هوءِ

(اي پانهي اُٺ ڪتولو وڃاءِ ۽ وڏا ڏيئا ٻار. حويلين ۾ پيڇ ڏوڙ مثل آهي لڳي ٿو منهنجو ساجن آيو آهي.)

صائب آيا هي سکي، ڪانئين پِيٽ ڪَران
گج موتين کو ٽال لي، اُوپر نيڻ ڏَران

(هَي سَکي! اڄ مُنهنجو ساجن آيو آهي، اُن کي کهڙي شيءِ سُوڪڙي طور ڏيان. دل چوي ٿي موتين جا هاٿيءَ ۽ ٽال پري مڌان پنهنجون ٻڌي اکيون رکي ڏيان.)

صائب آيا هي سکي، توڙون تَوسَرهار
لوڪ جاڻي موتي چُڳي، جُهڪ جُهڪ ڪَرون جُهار

(هَي سَکي! اڄ مُنهنجو ساجن آيو آهي، مُون اُن جي اڇيان پنهنجي ڳچيءَ جو ٽون سَرين وارو هار ٽوڙي ڇڏيو آهي، ماڻهو سَمجهن ٿا ته اُٿون ٽُٽل هار جا موتي پيئي ڇُونديان. پر اُٿون ته موتين جو ميهه ڪري پنهنجي پريتم کي جُهڪي جُهڪي سلام ڪريان پئي.)

ساجن آيا هي سکي، منگل چوڪ پُوراءِ
گاوو منگلاچار مِل، گهرا دِول گهراءِ

(هَي سَکي! اڄ مُنهنجو ساجن آيو آهي، شهر جي چوڪ تي جشن جو بندوبست ڪر. سيئي گڏجي خوشيءَ جا نغما ڳايون. وڏا وڏا ڍول گهرائي ته شادنامه ڪجن. اڄ مُنهنجي لاءِ عيد جو ڏِڻ آهي.)

ساجن آيا هي سکي، موتيان ٽال پراءِ
ڈيوَڙيان سامهي ڈوڙ آوَ، لاوان چال وڌاءِ

(هَي سَکي! اڄ مُنهنجو ساجن آيو آهي. موتين جو ٽال پري گهر جي گهٽي ڏانهن اڇ ته ڊوڙي وڃي وڌايون.)

ساجن آيا هَي سکي، سنگ سانئينا لير
پائي نِونڊ نارآوَ، نگر وڌائي ڦير

(هَي سَکي! اڄ مُنهنجو ساجن آيو آهي. پنهنجن دوستن سان گڏ آيو آهي. سڄي نگري ڪيس پليڪار ڪري رهي آهي.)

ساجن آيا هي سکي، ڪجا سيهه سريانهه
پُونر ڪيري چاند جُون، ڏِس چياري ڦلهانهه

(هَي سَکي! اڄ مُنهنجو ساجن آيو آهي. مون کي ڏاڍي سرهائي ٿي آهي. اڄ پُونر جي چَنڊ وانگي چوڏَس چاندوڪيءَ ڦهلجي ويئي آهي)

ساجن آيا هي سکي، جڏ ڪي هُونتي جاءِ
هينڊَرُو هيماگر پيو، تَن پنجري نہ ماءِ

(هَي سَکي! اڄ مُنهنجو ساجن آيو آهي. جنهن جي مُون کي سِڪ هُئي. هينئون سَمنڊ ٿي ويو آهي ۽ جسر چوليءَ ۾ نڪو سمائجي. تَن ۽ مَن ٻئي ڦُولجي ويا آهن.)

ساجن آيا هي سکي، هُونتان مُوجهه هيانهه
آجوٽي ڏِن اوپري، ٻيجا ٻَلي ڪيانهه

(هَي سَکي! اڄ مُنهنجو ساجن آيو آهي. جنهن جي لاءِ هينئن ۾ هيج هو، جيڪو مُنهنجي مَن ۾ مور وانگي ٽَهُوڪي رهيو هو. اجوڪي ڏينهن تي اڳوٽا سيئي ڏينهن قُربان ڪري ڇڏيان.)

ساجن آيا هي سکي، هُونتان مُوجهه هيانهه
سوڪا ٽا سو پالهرياں، پالهرياں سو ڦَلياڻهه

(هَي سَکي! اڄ مُنهنجو ساجن آيو آهي. جنهن جي سرير کي سِڪ هُئي. جيڪو منهنجي دل دريچن ۾ ڪنهن مُورت جي صُورت وانگي سجايل هو. اڄ مُنهنجو سرير جيڪو سُکي ويو هو اُهو سائو ٿي ويو آهي ۽ جيڪو سائو هو اُهو هندان هندان ٽڙي پيو آهي.)

هينئن مين ڪري وڌامٺا، سکي تي سيڏا ڪاج
جي سُپني پر ڈيستا، نيٽان ڈيکيو آج

(آڻون دل ۾ ڪيس پليڪار وِچان ٿي. سکي اڄ سيئي ڪاج مُڪمل ٿي ويا آهن. ڇو ته جنهن کي خواب ۾ ڈسندي هيس اڄ اُن کي اکين سان ڈِٺو آهي.)

ڇٽُنُون سُپني ڈيکتي، پَرڳٽ پِيا پيوَ آءِ
ڊرتي آنک نہ مُونڌهي، مت سُپنو هو جاءِ

(جنهن کي خواب ۾ ڈسندي هيس اُهو اڄ حقيقت ۾ ظاهر ٿيو آهي. ڊپ ۾ اک ۽ نہ جهڪي ته مٽان ڪئي خواب ٿي وڃي.)

سوئي ساجن آويا، جان کي جوتي واتَ
ٽانيا ناچي، گهر هَنسي، ڪيڻ لاگي ڪاتَ

(اُهو ئي ساجن آيو آهي جنهن جي راهه ڈسندي هيس. جنهن جي هڪڙي ديد لاءِ اکيون اُتاولين هُيون. اڄ ڪنيا نچي رهيا آهن. گهر ڪِلي ٽهڪ ڏيئي رهيو آهي ۽ ڪَٽ راند کيڏڻ لڳي آهي. ساجن اڇڻ سان ايڏي سرهائي ٿي آهي جو فطرت جُهومي اُٿي آهي.)

سب مُک ديکي چاند کو، مين مُک ديکون توءِ
ميري ٿَر هي چاند هو، تو مُک ديکيو سُک هوءِ

(سيئي ماڻهو چنڊ جو درشن ڪن ٿا. پر آڻون تنهنجو مُنهن ڈسان ٿو. منهنجو چَنڊ ٽُون ئي آهين. توکي ڈسان ئي ته جهان جا سارا سُک نِسان ٿي.)

تَن مليا تو ڪيا هُوَوا، من کي مِٽي نہ پياس
جيسي سيپ سمندر ۾، ڪري تراس تراس

(رَگهو جسم مليو ته چا ٿيو؟ اندر جي اُڃ ته رهجي ويئي. ائين جيئن سِپ سمنڈ ۾ هوندي به اُڃ کُندي آهي. ڇو ته اُن جي اُڃ فقط اَسُوءَ مهيني جي سواتي ڪتر ۾ وسندڙ مينهن جي هڪڙي بُوند سان ختم ٿيندي آهي. اي ساجن! ٽُون به ملين ته مون سان اَسُوءَ جي سواتي نکتر واري بُوند بڻجي مل ته مُنهنجي مَن جي اُڃ لهي وڃي.)

صوفِي لاکوفِي، کوڙَ يانئيس کيڙ:
منجهيان ئِي مَنجِ وڙهي، پڌر ناهِس پيڙ:
جنين ساڻس ويڙ، ٽئي تنين جو واهَرُو.

